

# پس منظرءِ احڪام

# قرباني

قريشي نعيم الله ”صابر“

گوشہءِ تحقیقات اسلامی

اسلام آباد ۔ پاکستان ۔ فون: ۰۳۳۱۳۰۵۱۳۲۵

حق ۽ واسطا محفوظ

# قرباني: پس منظر ۽ احڪام

قريشي نعيم الله ”صابر“

چاپو پهريون: 2017ع

ڪمپوزنگ: نصرالله

ڇپائيندڙ: گوشهء تحقيقات اسلامي
03313051325

# QURBANI: PAS MANZAR AIN AHKAM

By: QURESHI NAEEMULLAH “SABIR”

First Edition: 2017

Composing & Design: NASRULLAH

Published by: GOSHA-E-TAHQIQAT-E-ISLAMI
Pakistan.

گوشهء تحقيقات اسلامي
اسلام آباد - پاڪستان - فون: ۰۳۳۱۳۰۵۱۳۲۵

**براءِ ايصال ثواب:** خليفو يار محمد قريشي، خليفو اصغر علي قريشي، خليفو عبدالعلي قريشي، خليفو عبدالولي قريشي، خليفو عبدالقيوم قريشي، خليفو افضال احمد قريشي، خليفو عبدالماجد قريشي



مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَآئِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

## سنڌ سلامت پاران :

عيد الاضحیٰ جي مناسبت سان سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”قرباني : پسمنظر ۽ احڪام“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب جا ليکڪ **قريشي نعيم الله ”صابر“** جن آهن.

جيئن ته الله پاڪ انسان کي پنهنجي حڪمن مڃڻ خاطر پيدا ڪيو آهي، رب جا جيڪي به حڪم مومن کي ملن ٿا هو ان تي سندس منشا آڌار مڪمل عمل ڪرڻ ۾ رڌجي وڃن ٿا. اهڙن ئي حڪمن مان هڪ حڪم رب لاءِ قرباني ڪرڻ به آهي، جنهن جا تفصيل ڄاڻڻ هونءَ ته هر مسلمان لاءِ لازم آهي پر جنهن تي قرباني واجب هجي ان لاءِ اهي حڪم وڏيڪ اهميت رکن ٿا، جو ته سندس تورڙي به لاپرواهي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري سندس عمل وڃائجڻ جو خطرو ٿي پوي ٿو.

ان ڳالهه کي سامهون رکندي هي مختصر ۽ جامع ڪتاب اوهان جي آڏو پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ قربانيءَ جا اهم مسئلا سولي ۽ سهڻي نموني سان اوهان آڏو رکيا ويا آهن، ته جيئن ربّ ڪريم اڳيان جيڪو ڪجهه به قرباني طور پيش ڪريون، ته اهو سهڻي نموني پيش ڪيون.

هي ڪتاب **گوشهءِ تحقيقات اسلامي** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. تورائتا آهيون سائين نصرالله قريشي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


1. ٻه اکر ........ 6
2. قربانيءَ جو پس منظر ........ 7
3. قربانيءَ جو فلسفو ........ 10
4. قربانيءَ جا مسئلا ........ 11
5. قربانيءَ لاءِ جائز جانور ........ 11
1.دنبو: ........ 11
2.رڍ ٻڪري: ........ 11
3.ڳئون ۽ مينهن: ........ 11
6. دنبو رڍ ۽ ٻڪري ........ 11
7. قربانيءَ لاءِ ناجائز جانور ........ 11
8. گوشت جي ورهاست ........ 12
9. جانور پالي متارو ڪيو ........ 12
10.ذبح وقت موجود رهو ........ 12
11.ڪاسائيءَ جي مزدوري جانور مان نه ڏيو ........ 12
12.سنت ابراهيمي ........ 13
13.قربانيءَ جو وقت ........ 13
14.پاڻ سڳورن جو عمل ........ 13
15.مقرر ڏينهن ۾ قرباني نه ڪرڻ جو مسئلو ........ 13
16.سچي دل سان قرباني ڪيو ........ 14
17.ذبح ڪرڻ جو طريقو ۽ دعا ........ 14
18.عيد نماز ۽ تڪبير تشريق جا مسئلا ........ 16
19.تڪبير تشريق جا پنج ڏينهن ........ 16
20.عيد نماز بابت اهم مسئلا ........ 16
21.عيد نماز جو طريقو ........ 17

# پ اکر

اسلام هڪ مڪمل دين آهي جيڪو مؤمنن لاءِ زندگيءَ جي هر موڙ تي تربيت ڪندڙ ۽ هدايتون ڏيندڙ استاد جي حيثيت رکي ٿو. اسلام جون هدايتون قرآن پاڪ، نبي سڳوريﷺ جي سنت، سندس صحابہ ۽ اهل بيت سڳورن جي مثالي ڪردارن ۽ امت جي نامور عالمن جي ذريعي اسان کي ملنديون رهنديون آهن. جن تي عمل ڪري انسان پنهنجي رهڻي ڪرڻيءَ کي وقت سر بهتر کان بهتر ڪندو رهيو آهي. نتيجي ۾ ڪيس ٻن قسمن جا فائدا حاصل ٿين ٿا: هڪ رب جي رضا ۽ ٻيو هي تہ مومن پنهنجي دلين کي سڪون ۽ اطمينان جي دولت سان مالا مال ڪندا رهن ٿا.

جيئن تہ الله پاڪ انسانن کي پنهنجي حڪمن مڃڻ خاطر پيدا ڪيو آهي، رب جا جيڪي بہ حڪم مومن کي ملن ٿا هو ان تي سندس منشا آڌار مڪمل عمل ڪرڻ ۾ رڌجي وڃن ٿا. اهڙن ئي حڪمن مان هڪ حڪم رب لاءِ قرباني ڪرڻ بہ آهي، جنهن جا تفصيل ڄاڻڻ هونءَ تہ هر مسلمان لاءِ لازم آهي پر جنهن تي قرباني واجب هجي ان لاءِ اهي حڪم وڌيڪ اهميت رکن ٿا، ڇو تہ سندس ٿورڙي بہ لاپرواهي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري سندس عمل وڃائجڻ جو خطرو ٿي پوي ٿو.

ان ڳالهہ کي سامهون رکندي هي مختصر ۽ جامع ڪتاب اوهان جي آڏو پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ قربانيءَ جا اهم مسئلا سولي ۽ سهڻي نموني سان اوهان آڏو رکيا ويا آهن، تہ جيئن ربّ ڪريم اڳيان جيڪو ڪجهہ بہ قرباني طور پيش ڪريون، تہ اهو سهڻي نموني پيش ڪيون.

اسلام آباد
23, آگسٽ, 2017ع

ڊائريڪٽر
گوشہءِ تحقيقات اسلامي ـ پاڪستان

# قربانيءَ جو پس منظر

الله تبارڪ و تعاليٰ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي ذبح جو سمورو بيان قرآن شريف جي ٽيويهين پاري جي سورة الصافات ۾ واضح لفظن ۾ ڄاڻايو آهي. جنهن مطابق حضرت ابراهيم عليہ السلام کي خواب ۾ ٽي راتيون مسلسل اهو الهام ٿيو تہ اي ابراهيم! اٿ، اٿي پنهنجي پياري ۾ پياري شيءِ قربان ڪر. تڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام کي خيال آيو تہ دنيا ۾ بہ شيون پياري ۾ پياريون ٿينديون آهن. هڪ مال- دولت ۽ ٻيو آل- اولاد هن پهريان بہ ڏينهن تہ روزُ هڪ هڪ سؤ پلا اٺ قربان ڪيا، پر ٽئين رات ڪيس وري حڪم ٿيو تہ: اي ابراهيم اُٿ، ۽ اٿي پنهنجي پياري ۾ پياري شيءِ قربان ڪر. سو هِن سوچيو تہ مال جي تہ قرباني مون ڪئي آهي، اُها شايد قبول نہ پئي آهي. باقي هاڻي رهي اولاد، پوءِ پنهنجي پياري سڪيلڌي پٽ تيرهن ورهين جي نوجوان اسماعيل کي سڏي چيو:

يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ۭ

او منهنجا پٽڙا! مون رات خواب ۾ ڏٺو آهي تہ مان توکي ذبح ڪري رهيو آهيان ان بابت تنهنجي ڇا راءِ آهي؟

قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُـؤْمَرُ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَاۗءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ١٠٢

منهنجا بابا! جنهن ڳالهہ جو توهان کي ربِّ ڪريم وٽان حڪم ڪيو ويو آهي سا ڳالهہ جلد پوري ڪيو ان ۾ دير ڪونہ ڪيو، ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهيو تہ اوهان مونکي صبر ڪندڙن مان لهندؤ.

هتي صاحبزادي کان مشوري وٺڻ ۾ اها حڪمت رکيل هئي تہ پهريون ان جي عزم وهمت ۽ اطاعت ربّي جي جذبي جو امتحان ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ ثواب جو دارو مدار قصد ۽ نيّت تي آهي. ٻيو اگر هو اطاعت اختيار ڪري تہ ثواب جو مستحق ٿي وڃي. ٻيون ذبح ڪرڻ وقت جو بتقاضاءِ بَشريّت ۽

شفقتِ پدري طبعي اضطراب ۽ لغزش جو خطرو هو. ان ڪان بہ ڪنهن حَرج ۾ اطمينان ٿي پئي. تنهن ڪان پوءِ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي گهران خوب سنواري سينگاريو ويو ۽ ٻئي ڄڻا پيءُ ۽ پٽ مَذبَح جي طرف هليا. الله تعاليٰ جي عبادت ۽ طاعت جو هي عظيم الشان مظاهرو شيطان لعين کان ڏٺو ۽ سٺو نہ ٿيو، ۽ واٽ ويندي شيطان منيٰ ۾ ٽن هنڌن تي حضرت ابراهيم عليہ السلام کي خوب راٽيو، مگر ڪيس ڳتو جواب مليو تہ هي خالص الله تعاليٰ جو حڪم آهي جيڪو مونکي دل وجان سان تسليم آهي، ۽ تنهنجو ڪو بہ حيلو نہ هلندو، تڏهن شيطان لعين کي "الله اڪبر" چئي هر هنڌ ست ست پهڻيون چُٽِيون تہ شيطان مردود مايوس، ذليل ۽ خوار ٿي موٽيو. جڏهن ٻئي ڄڻا هاڻي اچي مذبح واري جاءِ تي پهتا تہ حضرت اسماعيل عليہ السلام پنهنجي والد ماجد کي ٽي وصيتون ڪيون: پهرين اِها تہ منهنجي امڙ سائڻ کي منهنجا سلام چئجو ۽ رت پريا ڪپڙا ڪيس ڏجو، جيئن ان کي تسلي ٿئي تہ سندس لختِ جگر رب جي راهہ ۾ برابر قربان ٿيو، ٻيو تہ مونکي زمين تي منهن ڀر ليٽائجو، پنهنجا هٿ پير ۽ اکيون ٻڌجو، متان لُڇڻ سبب اوهان کي رت جا قطرا نہ لڳي پون. ٽيون عرض تہ اوهان بہ پنهنجون اکيون ٻڌندا، اهو ان ڪري جو متان ذبح ڪرڻ مهل اوهان جي دل ۾ شفقت پِدريءَ جو جذبو نہ جاڳي پئي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام وصيت موجب پُٽ کي پَٽَ تي ليٽائي ذبح ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوري قوت سان ڇري وهائي ۽ الله جل شانهٗ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي نڙيءَ تي هڪ پتل جهڙي چيز رکي ڇڏي تہ ڪاتيءَ کهڻ کان جواب ڏنو، ان وقت رب جليل حضرت ابراهيم خليل الله کي پڪاري فرمايو!

وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۝۱۰۴ۙ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ

اي ابراهيم بيشڪ تو پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو.

بعد ۾ حضرت جبرئيل عليہ السلام کي حڪم ڪيو ويو تہ هڪ اُهو دنبو آڻ جيڪو بهشت جي باغن ۾ ويهن سالن کان چَرندو ٿو رهي، ان کي وٺي

وجي اسماعيل کي سوري ان جي جاءِ تي ليٽاءِ تہ جيئن ابراهيم خليل الله ان دنبي کي ذبح ڪري ڇڏي ۽ ائين ئي ٿيو جيئن الله جل جلالهٗ چاهيو. جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام ذبح ڪري پنهنجي اکين جي پَٽي لاٿي، اکيون پَٽي ڏٺائين تہ سندس اڳيان دنبو ذبح ٿيو پيو آهي ۽ اسماعيل تہ پري صحيح سلامت بيٺو آهي، تڏهن مقدس پيءُ ۽ پُٽ جي شڪر گذاريءَ، خوشيءَ ۽ مسرت جي حد نہ رهي. اها هڪ ڪليل آزمائش هئي، اهڙيءَ طرح حضرت اسماعيل عليہ السلام کي ذبح ڪان منشاءِ ايزديءَ موجب بچايو ويو، فرمانِ فرقان ٿيو:

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ١٠٥

بيشڪ اسان اهڙي طرح نيڪوڪارن کي چڱو بدلو ڏيندا آهيون.

# قرباني۽ جو فلسفو

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اهڙي فداڪارانہ ڪارنامي مسلمانن جي اهڙي جشن ۽ ذبيح الله جي سالگره کي ان حقيقت جو يادگار بنايو تہ اسان بہ تقويٰ اختيار ڪيون ۽ هن دنيا ۽ آخرت لاءِ نيڪ عملن جو ذخيرو جمع ڪيون، ۽ الله تعاليٰ کي راضي ڪريون، ڇاڪاڻ تہ برتريءَ لاءِ تقويٰ شرط آهي، نہ گوري کي ڪاري تي ڪا فضيلت حاصل آهي نہ ڪاري کي گوري تي، نہ عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ نہ عجميءَ کي عربيءَ تي (ڪا فضيلت آهي) ان ذبح عظيم ۾ بہ راز سمايل هو، ڇاڪاڻ تہ نبيءَ آخر الزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن سندن پُشت مان پيدا ٿيڻا هئا، ان طرف شاهہ عبداللطيف رحمۃ الله عليہ کھڙو نہ سهڻو اشارو ڪيو آهي:

دوســـت ڪُهـــائي دادلا، محـــب مـــارائي،
خاصـــن خلـــيلن کـــي ســـختيون ســـهائي،
الله الصَّـمد بـــي نيـــاز، ســـا ڪـــري جـــا چـــاهي،
انهـيءَ منجهـہ آهـي، ڪـا اونهـي ڳـالهہ اسـرار جـي،

اڄوڪو ڏينهن اسان مسلمانن واسطي هن عهد جي تجديد لاِ بہ آهي تہ:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ١٦٢ــ(الانعام)

(تون) چئہ تہ منهنجي نماز، ۽ منهنجي قرباني، ۽ منهنجو جيئڻ ۽ مرڻ صرف الله لاءِ آهي.

قرباني هڪ اهم ۽ قديم ترين رسم آهي، جو دنيا جي سيني مذهبن ۾ عمَلا تعليم ڪئي وئي آهي، مسلمانن لاءِ قرباني رضائي الاهيءَ جو عالمگير مظاهرو آهي، جنهن جو مطلب صرف اطاعت ربّي کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. تنهن ڪري پنهنجي حلال ڪمائيءَ مان ان جو اهتمام ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ پاڻ بہ پاڪ آهي ۽ پاڪ شيون پسند فرمائي ٿو، ۽ پاڻ حسين آهي ۽ حسين شيون پسند فرمائي ٿو.

## قربانيءَ جا مسئلا

قربانيءَ جو حڪم سن ٻہ هجريءَ ۾ ٿيو، قرباني هر صاحب نصاب مسلمان، مقيم، مرد ۽ عورت، عاقل ۽ بالغ تي واجب آهي، جنهن وٽ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي يا ان جي مقابل رقم، ان جي گهُرج کان زائد موجود هجي، اهڙي ملڪيت تي قرباني جي معاملي ۾ سال جو گذرڻ ٻہ شرط نہ آهي، جيئن زڪاة ۾ هوندو آهي.

## قربانيءَ لاءِ جائز جانور

1. **دنبو:** گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن جو مگر ٿلهو متارو هجي جو ڏسڻ ۾ سال جو لڳي.
2. **رڍ ٻڪري:** گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جي.
3. **ڳئون ۽ مينهن:** گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جي.
4. **اُٺ**، گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن جي عمر جو هجي.

**دنبو، رڍ ۽ ٻڪري** صرف هڪ ماڻهو خريد ڪري، قرباني ڪري سگهي ٿو، ان ۾ ٻيو ڀائيوار نٿو ٿي سگهي، باقي **ڳئون، مينهن ۽ اُٺ** ۾ ست ڄڻا حصيدار ٿي سگهن ٿا ۽ هڪ ڄڻو بہ ڪري سگهي ٿو.

## قربانيءَ لاءِ ناجائز جانور

عيب وارو، بيمار، ڏٻرو، انڌو، ڪاڻو، بغير ڏندن جي، يا جيڪو جانور پيدائشي ننڍن ڪنن وارو ۽ نڪ ڪپيل هجي، تہ اهڙو جانور قربانيءَ لاءِ جائز نہ آهي.

جيڪو شخص شرعي قاعدن موجب صاحب نصاب جو ناهي، پر ان قربانيءَ جي نيت سان ڪو جانور خريد ڪيو تہ ان تي قرباني واجب ٿي وئي.

## گوشت جي ورهاست

قربانيءَ جو گوشت جنهن ۾ پائيوار هجن تہ اٽڪل تي ورهاست نہ ڪن، بلڪ وزن ڪري پورو پورو حصو توري وٺن.

قربانيءَ جي گوشت جا ٽي ڀاڱا ڪرڻ گهرجن: هڪ الله جي راهہ ۾ ڏجي، ٻيو پنهنجي عزيزن ۽ احبابن ۾ ورهائجي، ۽ ٽيون حصو پنهنجي استعمال لاءِ رکجي. سيئي الله جي راهہ ۾ ڏجي تہ بہ جائز آهي، سمورو پنهنجي عيال جي استعمال ۾ آڻي تہ بہ درست آهي.

## جانور پالي متارو ڪيو

حضور اڪرم ﷺ جن جو فرمان عاليشان آهي تہ:

سَمِّنُوا ضُحَايَاكُمْ فَاِنَّهَا عَلَى الصِّرَاطِ مَطَايَاكُمْ.

مطلب تہ پنهنجي قربانيءَ جي جانورن کي چاري ٿلهو متارو ڪيو ڇو تہ اهي پل صراط تي اوهان جي سواريءَ جا وَهَڻَ ٿيندا.

هي بہ ياد رکڻ گهرجي تہ الله پاڪ قربانيءَ جي جانورن جي هر هڪ وار جي بدلي نيڪيءَ سان نوازيندو آهي.

## ذبح وقت موجود رهو

قرباني ڪرڻ وارو بهتر آهي تہ پاڻ جانور ذبح ڪري، نہ تہ قربانيءَ جي جانور وٽ بوقت ذبح موجود هجي.

## ڪاسائيءَ جي مزدوري جانور مان نہ ڏيو

قربانيءَ جي کل يا گوشت وغيره مان ڪاسائيءَ کي اجرت ادا نہ ڪري، ڪاسائيءَ کي مزدوري ڪيسي مان ڏجي ۽ قربانيءَ جي کل خيرات ڪري ڇڏجي.

## سنت ابراهيمي

اصحابن سڳورن، نبي پاڪ ﷺ جن کان سوال ڪيو تہ سائين! اَضحيٰ ڇا آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ اضحيٰ توهان جي جَدِ امجد حضرت ابراهيم عليہ السلام جي سنت آهي.

## قربانيءَ جو وقت

عيد جي ڏينهن يعني ڏهين ذوالحج تي شهر وارا قرباني عيد جي نماز کان پوءِ شروع ڪن. قربانيءَ لاءِ پهريون ڏينهن افضل آهي، باقي ڏينهن 11 ۽ 12 ذوالحج صبح صادق کان پوءِ سج لٿي کان اڳ ۾ قرباني ڪجي. اگر ڪنهن عذر يعني زوردار برسات يا بد امنيءَ جي ڪري عيد نماز پهرين ڏينهن تي ادا نہ ٿي سگهي تہ عيد نماز جو وقت گذري وڃڻ کان پوءِ قرباني ڪرڻ درست آهي.

## پاڻ سڳورن جو عمل

نبي ڪريم ﷺ جن هر عيد الاضحيٰ تي ٻہ قربانيون ڪندا هئا، هڪ پنهنجي طرفان ۽ ٻي پنهنجي گنهگار امت پاران، پاڻ سڳورا ﷺ جن هجرت کان پوءِ ڏهہ سال مدينہ طيبہ ۾ رهيا ۽ هر سال برابر قرباني ڪندا رهيا.

## مقرر ڏينهن ۾ قرباني نہ ڪرڻ جو مسئلو

اگر قربانيءَ جا مخصوص ڏينهن، ڏهين، يارهين ۽ ٻارهين ذوالحج گذري ويا ۽ ڪو غفلت يا ناواقفيت يا ٻئي ڪنهن عذر کان قرباني نہ ڪري سگهيو، تہ ان تي قربانيءَ جي رقم فقيرن ۽ مسڪينن ۾ صدقو ڪرڻ واجب آهي. ليڪن قربانيءَ جي ٽن ڏينهن ۾ جانور جي قيمت صدقہ ڪرڻ سان اهو واجب ادا نہ ٿيندو، هميشہ گناهہ رهندو، ڇاڪاڻ تہ قرباني هڪ مستقل عبادت آهي،

جيئن نماز پڙهڻ سان روزو ۽ روزي رکڻ سان نماز ادا نٿي ٿي سگهي، اهڙي طرح صدقہ ۽ خيرات ڪرڻ سان قرباني بہ ادا نہ ٿي ٿئي.

## سچي دل سان قرباني ڪيو

الله تعاليٰ جي ڪرم نوازي ڏسو، جو قربانيءَ جي پهرين قطري خون جي ڪرڻ سان ئي قرباني کي قبول فرمائي ٿو. ڇاڪاڻ تہ رب تعاليٰ کي قربانيءَ جي خون جي قطري جي ڪِرڻ کان سواءِ اڄ ٻي ڪا بہ چيز محبوب ناهي، ان ڪري جو الله سبحانهٗ وتعاليٰ وٽ نہ انهن اضحيٰ جي جانورن جو گوشت ٿو پهچي ۽ نہ رت، پر ان وٽ رڳو اوهان جي تقويٰ، يعني خالص نيت ۽ دل جي سچائي ٿي پهچي.

## ذبح ڪرڻ جو طريقو ۽ دعا

قربانيءَ جي جانور کي ذبح ڪرڻ کان اڳ ڪجھ ڪارائتي ڳالهيون ياد رکڻ گهرجن. پهرين ڳالهہ تہ ڇري تيز هئڻ گهرجي، ڪنهن ٻئي جانور جي سامهون ذبح نہ ڪرڻ گهرجي. جانور جي اڳيان ڇريءَ کي تکو نہ ڪجي ۽ ٻين جانورن جي وٽ ذبح نہ ڪرڻ گهرجي. جانور کي ذبح ڪرڻ وقت قبلہ ڏانهن سنڌس سڄي پاسي تي ليٽائجي، ليٽائڻ وقت هي دعا پڙهجي:

اَللّٰهُمَّ إِنِّي وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ حَنِيفًا وَمَا أَنَا مِنَ الْمُشْرِكِينَ۔ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ لَا شَرِيكَ لَهُ وَبِذَٰلِكَ أُمِرْتُ وَأَنَا أَوَّلُ الْمُسْلِمِينَ۔ اَللّٰهُمَّ لَكَ وَمِنكَ

بِسْمِ اللهِ اَللهُ أَكْبَرُ.

اي منهنجا رب! بيشڪ آئون پنهنجي چهري کي عبادت لاءِ الله ڏانهن متوجہ ڪريان ٿو، اهو الله جنهن پيدا فرمايو آسمانن ۽ زمينن کي آئون حق جو تابعدار آهيان ۽ آئون مشرڪن مان نہ آهيان. بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني ۽ منهنجي زندگي ۽ موت سڀ الله لاءِ آهي، جيڪو رب آهي جهانن

جو، جنهن جو ڪو شريڪ ڪونهي مون کي ان لاءِ حُڪم ٿيل آهي ۽ آءٌ پهريون مسلمان آهيان. الله جي نالي سان ، جيڪو الله مٿانهون آهي.
سِير چئڻ رڳن کي ڏجي، نہ تہ ٽي رڳون لازمي طور ذبح ڪرڻ گهرجن.
جيڪڏهن قرباني پنهنجي طرفان آهي تہ ذبح ڪرڻ کان پوءِ هي دعا گهرجي:

اللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنِّی کَمَا تَقَبَّلْتَ مِنْ خَلِيْلِكَ اِبْرَاهِيْم عَلَيْهِ السَّلَام وَحَبِيْبِكَ مُحَمَّد ﷺ

اي منهنجا رب! تون منهنجي هيءَ قرباني قبول فرماءِ، جيئن تون پنهنجي خليل ابراهيم عليہ السلام ۽ پنهنجي محبوب محمد ﷺ جون قربانيون قبول فرمايون. آمين

جيڪڏهن ڪو ٻئي جي طرفان قرباني ڪري ٿو تہ مٿين دعا ۾ ”اللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنِّی“ جي جڳهہ تي ”اللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنْ....“ کان پوءِ ان شخص جو نالو وٺي ۽ باقي دعا ساڳئي نموني پڙهي.
قربانيءَ جا تفصيلي مسئلا معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي شهر جي عالمن سڳورن کان معلومات وٺجي يا فقہ جي ڪتابن کي پڙهڻ گهرجي.

# عيد نماز ۽ تڪبير تشريق جا مسئلا

پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏاڍي مينهن پوڻ جي ڪري صرف هڪ دفعو عيد جي نماز مسجد نبويءَ ۾ ادا ڪئي، باقي عمر شهر کان ٻاهر کلي ميدان ۾ عيد نماز ادا ڪندا هئا. تنهن ڪري اسان کي بہ پنهنجي محبوب پيغمبر ﷺ جي سنت موجب عيد گاهہ ۾ وڏي اجتماع سان عيد نماز ادا ڪرڻ گهرجي، جيئن اخوت، اتحاد قائم رهي. عيد ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ عيد گاهہ هڪ رستي کان ايندا هئا تہ واپسيءَ ۾ رستو مٽائيندا هئا ۽ رستي ۾ تڪبير تشريق چوندا هئا. اها تڪبير عيد الفطر جي موقعي تي آهستہ آهستہ ۽ عيد الاضحيٰ ۾ بلند آواز سان پڙهندا ويندا هئا.

## تڪبير تشريق جا پنج ڏينهن

ذوالحج جي نائين تاريخ نماز فجر کان تيرهين تاريخ ٽيپهريءَ جي نماز تائين هر باجماعت فرض نماز ادا ڪرڻ بعد هڪ دفعو بلند آواز سان تڪبير تشريق پڙهڻ واجب آهي. تڪبير هن طرح آهي:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ

جهڙي طرح نماز عيد الاضحيٰ واجب آهي تہ خطبو ٻڌڻ بہ واجب آهي، ان ڪري نماز کانپوءِ آرام سان ويهي خاموش ٿي خطبو ٻڌي، دعا گهري پوءِ هڪ ٻئي سان خوشيءَ جو اظهار ڪري ۽ مسڪرائيندي عيد مبارڪ ڏجي.

## عيد نماز بابت اهم مسئلا

عيد نماز کان اول يا بعد ۾ ڪا بہ نماز مسنون نہ آهي.

جيڪو شخص نماز عيد ۾ شريڪ نہ ٿي سگهي تہ اهو چار رڪعتون نفل نماز پڙهي.

جيڪو امام سان گڏ نماز ۾ شامل ٿي وڃي چاهي تشهد ۾ ئي هجي ته اهو امام جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ اٿي، ۽ ٻه رڪعتون نماز پڙهي وٺي.

## عيد نماز جو طريقو

عيد نماز جو طريقو **نيت:** نيت ٿو ڪريان پڙهان ٿو نماز عيدالفطر ٻه رڪعتون واجب، ساڻ ڇهن تڪبيرن زائد جي، واسطي الله تعاليٰ جي منهن طرف ڪعبة الله شريف (مقتدي چوندا) پٺيان هن امام، **تڪبير تحريم**، الله اڪبر چئي ٻئي هٿ ڪَنن تي آڻي دن هيٺيان ٻڌي آهسته سان ثنا پڙهبي:

سُبۡحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ وَتَبَارَكَ اسۡمُكَ وَتَعَالٰى جَدُّكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيۡرُكَ

هاڻي امام تي **تڪبيرون زائد** هڻندو.

پهرين تڪبير الله اڪبر چوندي ٻئي هٿ ڪنن تي آڻي هيٺ ڪولي ڇڏبا.

ٻي تڪبير الله اڪبر چوندي ٻئي هٿ ڪنن تي آڻي هيٺ ڪولي ڇڏبا.

ٽئين تڪبير الله اڪبر چوندي ٻئي هٿ ڪنن تي آڻي، پهرين وانگر دن هيٺيان ٻڌي خاموش رهبو، هاڻي امام قرات ڪندو، رڪوع ۽ سجود کان پوءِ ٻي رڪعت ٿيندي جنهن ۾ امام پهرين قرات ڪندو الحمد شريف ۽ ڪا ٻي سورة پڙهندو ۽ پوءِ تڪبيرون هڻندو.

پهرين تڪبير الله اڪبر چوندي ٻئي هٿ ڪنن تي آڻي هيٺ ڪولي ڇڏبا.

ٻي تڪبير الله اڪبر چوندي ٻئي هٿ ڪنن تي آڻي هيٺ ڪولي ڇڏبا.

ٽئين تڪبير الله اڪبر چوندي ٻئي هٿ ڪنن تي آڻي، هيٺ ڪولي ڇڏبا.

چوٿين تڪبير رڪوع جي هوندي الله اڪبر چوندي ئي سڌو هٿ گوڏن تي رکي رڪوع ۾ وڃبو ۽ باقي نماز ساڳي طريقي سان پڙهي مڪمل ڪبي.